۴۸۶

# آسان

# سنڌي صرف نامو

ٽيو دفعو] ١٩٦٣ع [ڪاپيون ٢٠٠٠

قيمت ١-٠٠ رپيو

تيار ڪندڙ:

غلام اصغر

پبلشر: مستقيم بوڪ ڊيپو ڪمبٽ (ضلع خيرپور)
ڇاپيندڙ: تاج محل پريس، شاهي بازار، حيدرآباد

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بسم الله الرحمن الرحيم

# آسان سنڌي صرف نامو

معلوم هجڻ گهرجي تہ دنيا جي هر هڪ ٻوليءَ ۾ هزارين لفظ ٿا ٿين، جيڪي هر ملڪ جي گرامر جي ماهرن ڪن خاص ڀاڱن ۾ ورهائي ڇڏيا آهن. اسان جي سنڌي ٻوليءَ جا بہ هزارين لفظ آهن جيڪي اٺن ڀاڱن يا قسمن ۾ ورهايا ويا آهن ۽ انهن جو خاص نالو آهي ڳالهائڻ جا آٺ ڀاڱا (*Eight parts of Speech*). آهي آٺ ڀاڱا هي آهن.

(۱) اسم (*Noun*). هي آهو ڳالهائڻ جو ڀاڱو آهي جنهن ۾ ساري دنيا جي جاندار ۽ بي جان شين ۽ صفتن جا نالا اچي ٿا وڃن جهڙوڪ:-

اللهَ، رسولَ، آسمانَ، زمين، ماڻهو، هاٿي، شينهَن، گهوڙو، ٻدڪ، ٻلا، ڪِول، گهرَ، دروازو، ڪَٽَ، سچ، ڪوڙ، خوشي، ڳٽي، دغا، خطا، ڪاوڙِ، چڙ، غصو وغيره.

(۲) ضمير (*Pronoun*). هي آهو ڳالهائڻ جو ڀاڱو آهي جنهن ۾ سڀ آهي لفظ اچي ٿا وڃن جيڪي ڳالهائيندڙ جي بجاءِ يا جنهن سان ڳالهہ ڪئي وڃي ان جي بجاءِ يا جنهن جي ڳالهہ ڪئي وڃي ان جي بجاءِ ڪم اچن جهڙوڪ:-

مان، اسان، تون، توهان، هو، هوءَ، آهي وغيره.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سيٽ، سيٽيون؛ پٽ، پٽيون؛ ٻني، ٻنيون؛ هرڻي، هرڻيون؛ پيڙ ۽ پيڙيون؛ چٽ، چٽيون؛ چلي، چليون؛ تڏ، تڏيون؛ ڳهڻي، ڳهڻيون وغيره. [پيڙ، پيڙ بي قاعدي جمع آهي.]

(٦) 'اِيءَ' پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن جو واحد ۽ جمع هڪ جهڙو ٿيندو آهي. جهڙوڪ:-

هڪ هاٿي، ٻه هاٿي؛ هڪ ڪرسي، چار ڪرسي؛ هڪ ساٿي، ست ساٿي وغيره وغيره.

(٧) 'اُو ۽ اُونءَ' پڇاڙيءَ وارا اسم ٻه واحد ۽ جمع ۾ هڪ جهڙا رهندا آهن. جهڙوڪ:-

هڪ ماڻهو، ٻه ماڻهو؛ هڪ چاقو، ٽي چاقو؛ هڪ چتون، چار چتون؛ هڪ ڏاڙهون، ڏهه ڏاڙهون؛ هڪ ڪئون، ٻه ڪئون؛ هڪ ٻڙون، ٻه ٻڙون وغيره.

## اسم جو صَرف يا گردان (جنس ۾)

اسم واحد جي پڇاڙيءَ ۾ ڪيئو ڦيرو تڏهن ايندو آهي، جڏهن ڪنهن مذڪر (نر) اسم منجهان مونث (مادي) اسم ٺهندو آهي ۽ انهيءَ صرف جا عام طرح هي قاعدا آهن.

(١) ـُ پڇاڙيءَ وارو اسم منجهي ـِ يا اِي پڇاڙيءَ وارو ٿي پوندو آهي جهڙوڪ:-

چوڪرُ، چوڪرِ، گڏهُ، گڏهِ، ڪڪڙُ، ڪڪڙِ، هرڻُ، هرڻي، ٻڪرُ، ٻڪري وغيره.

(٢) 'اوءَ' پڇاڙيءَ وارو اسم منجهي 'اِيءَ' پڇاڙيءَ وارو ٿي پوندو آهي جهڙوڪ:-

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## اسم واحد جو صَرف

١- ڦقير، فقيرَ سان ٿي ٿهي. ٢- ڪتو، ڪتي سان نہ ٿهي.
٣- ڪڙمي، ڪڙميءَ سان نہ ٿهي. ٤- هندو، هندوءَ سان نہ ٿهي.

## اسم جمع جو صَرف يا گردان

٥- فقير، فقيرن سان نہ ٿهن. ٦- ڪتا، ڪُتن سان نہ ٿهن.
٧- ڪڙمي، ڪڙمِن سان نہ ٿهن. ٨- هندو، هندن سان نہ ٿهن.
٩- عورتون، عورتن سان نہ ٿهن. ١٠- راجائون، راجائن سان نہ ٿهن.
١١- سيٺيون، سيٺين سان نہ ٿهن.

(ج) حالت فاعليءَ منجهان حالت اضافت ۾ مٽجڻ لاءِ بہ اسم ۾ ساڳيو صرف يا ڦيرو ايندو آهي جهڙوڪ:-

## اسم واحد جو صَرف

١- فقير، فقيرَ جو ويري. ٢- ڪتو، ڪتي جو ويري.
٣- ڪڙمي، ڪڙميءَ جو ويري. ٤- هندو، هندوءَ جو ويري.
٥- راجا، راجائن جا ويري.

## اسم جمع جو صَرف

٦- فقير، فقيرن جا ويري. ٧- ڪتا، ڪتن جا ويري.
٨- ڪڙمي، ڪڙمِن جا ويري. ٩- هندو، هندن جا ويري.
١٠- راجائون، راجائن جا ويري. ١١- عورتون، عورتن جون ويري.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# اسم جي عام صورت

مٿي بيان ڏني ويو آهي ته ڪي اسم جڏهن حالت فاعليءَ منجهان حالت مفعولي يا حالت جرّي يا حالت اضافت ۾ ايندا آهن ته ان جي پڇاڙيءَ ۾ ٿوري ڦير ڦار ايندي آهي. مٿين مثالن کي غور سان جاچڻ منجهان اهو چٽيءَ طرح سان معلوم ٿيندو ته حالت مفعولي، حالت جرّي ۽ حالت اضافت ٿيڻ ۾ اسمن جي شڪل يا صورت واحد توڙي جمع ۾ بلڪل ساڳي ٿي رهي جهڙوڪ:-

| عدد | حالت مفعولي | حالت جرّي | حالت اضافت |
|---|---|---|---|
| واحد | فقير کي | فقير سان | فقير جو |
| جمع | فقيرن کي | فقيرن سان | فقيرن جو |

انهيءَ ڪري اسم جي آها صورت (يا شڪل) جيڪا هو حالت مفعولي، حالت جري ۽ حالت اضافت ۾ هڪجهڙي وٺي ٿو تنهن کي اسم جي عام صورت ڪري سڏيندا آهن.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# اسم جي صُرف جو مڪمل چارٽ

| عدد | حالت فاعلي | عام صورت: حالت مفعولي | عام صورت: حالت جري | عام صورت: حالت اضافت |
|---|---|---|---|---|
| واحد | فقير | فقيرَ (کي) | فقيرَ (سان) | فقيرَ (جو) |
| | ڪتو | ڪتي (کي) | ڪتي (سان) | ڪتي (جو) |
| | ڪڙمي | ڪڙميءَ (کي) | ڪڙميءَ (سان) | ڪڙميءَ (جو) |
| | هندو | هندوءَ (کي) | هندوءَ (سان) | هندوءَ (جو) |
| جمع | فقير | فقيرنِ (کي) | فقيرنِ (سان) | فقيرنِ (جو) |
| | ڪتا | ڪتنِ (کي) | ڪتنِ (سان) | ڪتنِ (جو) |
| | ڪڙمي | ڪڙمنِ (کي) | ڪڙمنِ (سان) | ڪڙمنِ (جو) |
| | هندو | هندنُ (کي) | هندنُ (سان) | هندنُ (جو) |
| | عورتون | عورتُنِ (کي) | عورتُنِ (سان) | عورتُنِ (جو) |
| | راجائون | راجائُنِ (کي) | راجائُنِ (سان) | راجائُنِ (جو) |
| | سيٺيون | سيٺينِ (کي) | سيٺينِ (سان) | سيٺينِ (جو) |

## صفت جو صُرف

جيڪي صفت جا سنڌي لفظ ڪُن يا اوڪُن تا ڏيکارين انهن جو صرف يا گردان بہ بلڪل اسم جي صرف جهڙو ٿيندو آهي جيڪو مٿي بيان ٿي چڪو آهي. چاڪاڻ تہ صفت جو لفظ هميشه اسم سان لڳندو

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

آهي ۽ ان سان گڏ عدد، جنس ۽ حالت ۾ ڦيرو ڪائيندو رهندو آهي جهڙوڪ:-

تکو گهوڙو، تکا گهوڙا، تکي گهوڙي کي، تکن گهوڙن کي.
تکي گهوڙي، تکيون گهوڙيون، تکيءَ گهوڙيءَ تي، تکين گهوڙين تي.

پيلو ڌاندُ، پيلا ڌاندَ، پيلي ڌاندَ کي، پيلن ڌاندن کي.
پَيلي ڍڳي، پيليون ڍڳيون، پيليءَ ڍڳيءَ کي، پيلين ڍڳين کي.

## صفت جي صَرف جو مڪمل چارٽ

| عدد | حالت فاعلي | عام صورت: حالت مفعولي (کي) | حالت جريءَ (سان) | حالت اضافت (جو) |
|---|---|---|---|---|
| واحد | ڪارو | ڪاري (کي) | ڪاري (سان) | ڪاري (جو) |
| | ڪاري | ڪاريءَ (کي) | ڪاريءَ (سان) | ڪاريءَ (جو) |
| | پينو | پينوءَ (کي) | پينوءَ (سان) | پينوءَ (جو) |
| جمع | ڪارا | ڪارن (کي) | ڪارن (سان) | ڪارن (جو) |
| | ڪاريون | ڪارين (کي) | ڪارين (سان) | ڪارين (جو) |
| | پينو | پينن (کي) | پينن (سان) | پينن (جو) |

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ضمير جو صرف يا گردان

ضمير جا لفظ هر ٻوليءَ ۾ تمام ٿورا ٿا ٿين. اصل خالص ضمير ٽي آهن :-

(١) ضمير متڪلم جيڪو ڳالهائڻ واري اسم جي بدران ڪم ايندو آهي جهڙوڪ :-

| | |
|---|---|
| مان يا مون يا آءٌ | اسان يا اسين |

(٢) ضمير حاضر يا مخاطب جيڪو انهيءَ اسم جي بدران ڪم ايندو آهي جنهن سان ڳالهائبو آهي جهڙوڪ :-

| | |
|---|---|
| تون | توهان يا توهين يا اوهان يا اوهين |

(٣) ضمير غائب جيڪو انهيءَ اسم جي بدران ڪم ايندو آهي جنهن بابت ڳالهه ڪئي ويندي آهي جهڙوڪ :-

| | |
|---|---|
| هو، هوءَ | اُهي |

(٤) انهن ضميرن کانسواءِ ڪي ضمير اشاري ڪرڻ لاءِ ڪم ايندا آهن جهڙوڪ :-

| |
|---|
| هيءَ، هو |

(٥) ڪي ضمير سوال پڇڻ لاءِ ڪم ايندا آهن جهڙوڪ :-
ڪير، ڪهڙو يا ڪجهڙو .

(٦) ڪي ضمير وري ضمير خالص سان شريڪ ٿي ڪم ايندا آهن جهڙوڪ :-
مان پاڻ، اسان پاڻ، تون پاڻ، توهان خود، هو خود، آهي خود يا آهي پاڻ وغيره.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(٧) ڪي ضمير وري مبهم اسمن جي بدران ڪم ايندا آهن جهڙوڪ:-
ڪو، ڪوئي، ڪي.

(٨) ڪي ضمير وري انهيءَ اسم بدران ڪم ايندا آهن جنهن جون ٻه جدا جدا حالتون ساڳيءَ هڪ ئي جملي ۾ گڏجي بيان ڪيون وينديون آهن جهڙوڪ:-

| جو جيڪو | سو |
|---|---|

وغيره.

(١) جيڪو ڪندو سو لوڙيندو. (٢) جو چاهي سو ڪري.
انهيءَ حساب سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ضمير جا جملي لفظ هي آهن:-
مان (مون آءٌ) اسان (اسين) تون، توهان (توهين، او هان؛ اوهين)
هُو، هوءَ، آهي، هي (هيءَ)، اِها، آها، آهي، ڪير، ڪهڙو، ڇا، ڪجاڙو، خود، پاڻ، ٻئي، جو، جا، جيڪو، جيڪا، سو، سا، ڪو (ڪوئي) ڪي وغيره.

## ضمير جي صَرف جو مڪمل چارٽ

[جيئن ته جو ضمير، اسم جي بدران ڪم اچي. تنهن ڪري ضمير جو صرف به اسم جي صرف وانگر عدد، جنس ۽ حالت ۾ ٿيندو آهي.]

| جمع | | واحد | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| عام صورت | حالت فاعلي | عام صورت اضافت | عام صورت جري | عام صورت مفعولي | حالت فاعلي |
| اسان | اسان | منهنجو | مون سان | مون کي | مان |
| توهان | توهان | تنهنجو | تو سان | تو کي | تون |

| واحد | | | | جمع | |
|---|---|---|---|---|---|
| هو | هُن کي | هُن سان | هُن جو | اُهي | آنهن |
| هيءَ | هِن کي | هِن سان | هِن جو | هِي | هِنن |
| اُهو | آن کي | آن سان | آن جو | اُهي | آنهن |
| پاڻ | پاڻ کي | پاڻ سان | پنهنجو | پاڻ | پاڻ |
| ڪير | ڪنهن کي | ڪنهن سان | ڪنهن جو | ڪن | ڪن |
| ڪهڙو | ڪهڙي کي | ڪهڙي سان | ڪهڙي جو | ڪهڙا | ڪهڙن |
| ڪهڙِي | ڪهڙِي کي | ڪهڙِي سان | ڪهڙِي جو | ڪهڙيون | ڪهڙين |
| جو | جنهن کي | جنهن سان | جنهن جو | جي | جن |
| سو | تنهن کي | تنهن سان | تنهن جو | سي | تن |
| ڪو | ڪنهن کي | ڪنهن سان | ڪنهن جو | ڪي | ڪن |

# فعل جو صَرفُ يا گردان

فعل جو بنيادي لفظ جنهن منجهان ڪيترا ئي فعل جا صيغا (يا لفظ) نڪرن يا ڦٽن ٿا تنهن کي مصدر ڪري سڏيندا آهن. مصدر هڪ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. عربي گرامر ۾ اهڙي بناوت واري لفظ کي اسم ظرف ڪري ليکيندا آهن. جيئن ته اسم ظرف هميشه ڪنهن ڪم جي ٿيڻ جي جاءِ يا مهل ڏيکاريندڙ آهي. تنهن ڪري مصدر جي معنيٰ آهي "صدور ڪرڻ يا نڪرڻ جي جاءِ".

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(الف) ڇِٽڪارڻُ، ڏَڙِٻاڙِڻُ، سَنهِاڙِڻُ، سَنوارِڻُ، تَنوارِڻُ.
(ب) آتڪائڻ، ٻَٽڦِلائڻ، ٻدلائڻ، ڏَمڪائڻ، ڏمرائڻ، شرمائڻ، سلهائڻ، ورجهائڻ، ورنائڻ، ٽهڪائڻ، ڀچتائڻ، ڪالهائڻ، آزمائڻ [موڪلائڻ، اورانگهڻ].

٢٢- ڪي مصدرون فُعْلاَئِلُ جي وزن تي هوندڙيون آهن جهڙوڪ:-
(الف) اُٿلائڻُ، اٿلائڻ، آپڙائڻ، آٿائڻ، آڪلائڻ، مُرڪائڻ، مشڪائڻ، مُرڪائڻ.

٢٣- ڪي مصدرون فيعِلُ جي وزن تي هوندڙيون آهن جهڙوڪ:-
(الف) ڏيڏِڻُ، ڀيڻِ، ڀيچڻ، ٽيڙڻ، چيڙڻ، چيدڻ، ريڻ، ريهڻ، ريڙهڻ، سيڪڻ، ڪيڙڻ، ليڪڻ، ميڻڻ، ميڙڻ، هيرڻ.

٢٤- ڪي مصدرون فِيعلُ جي وزن تي هوندڙيون آهن جهڙوڪ:-
(الف) ڀِيٽڻُ، ڀِيڙڻ، ويڻڻ، جيتڻ، چيرڻ، چنيڻ [نندِڻ]، سيڻڻ، هيسڻ، شيڪڻ، ليڪڻ.

٢٥- ڪي مصدرون فيعالِلُ جي وزن تي هوندڙيون آهن جهڙوڪ:-
(الف) ڇيپاڙڻُ، ڪيڪارڻ، ويچارڻ، سينگارڻ، سيڙائڻ، ڪيرائڻ، ليلائڻ [هرڪائڻ، هِمٿائڻ، سِرڪائڻ، ڀرپائڻ، ٽمڪائڻ، چمڪائڻ، چمڪائڻ].

# فعل جو صَرْف يا گَردان (هلندڙ)

## آمــر

سنڌي ٻوليءَ جي گرامر ۾، مَصْدَرُ منجهان ٿيندڙ 'ڻ' ڪڍي ڇڏڻ سان باقي جيڪو لفظ بچي ٿو تنهن کي آمُر جو صيغو يا لفظ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٻيهه | ٻيهج | ٻيهجانءِ | ٻيهجو |
| سڏ | سڏج | سڏجانءِ | سڏجو |
| مار | مارج | مارجانءِ | مارجو |
| ساراهه | ساراهج | ساراهجانءِ | ساراهجو |
| آڪلاءِ | آڪلائج | آڪلائجانءِ | آڪلائجو |

# آمر جي صَرف جو چارٽ

(ـُ پڇاڙيءَ وارو آمر)

| آمر حاضر | | آمر ديرينه | | |
|---|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | | جمع |
| توُن | تو هان | تون | | تو هان |
| ـُ | ـو | ـِ ج | ـِ جانءِ | ـِ جو |
| آچ | آچو | آچج | آچجانءِ | آچجو |
| چَر | چرو | چرج | چرجانءِ | چرجو |
| ٽڪ | ٽڪو | ٽڪج | ٽڪجانءِ | ٽڪجو |
| چڙهه | چڙهو | چڙهج | چڙهجانءِ | چڙهجو |
| سنگهه | سنگهو | سنگهج | سنگهجانءِ | سنگهجو |
| پڇ | پڇو | پڇج | پڇجانءِ | پڇجو |

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

| آمر حاضر | | آمر ڏيرينه | | |
|---|---|---|---|---|
| ليٽ | ليٽو | ليٽِج | ليٽجانءِ | ليٽجو |
| ڪِسڪ | ڪِسڪو | ڪِسڪِج | ڪسڪجانءِ | ڪِسڪجو |
| ڊوڙ | ڊوڙو | ڊوڙِج | ڊوڙجانءِ | ڊوڙجو |
| آڏام | آڏامو | آڏامِج | آڏامجانءِ | آڏامجو |

## ( ـِ پڇاڙيءَ وارو آمر )

| آمر حاضر | | آمر ڏيرينه | | |
|---|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | | جمع |
| تون | توهان | تون | | توهان |
| ـِ | يو | ج | جانءِ | جو |
| جهِٽ | جهٽيو | جهٽِج | جهٽجانءِ | جهٽجو |
| چم | چميو | چمِج | چمجانءِ | چمجو |
| چِڪ | چڪيو | چڪِج | چڪجانءِ | چڪجو |
| ٻوڪ | ٻوڪيو | ٻوڪِج | ٻوڪجانءِ | ٻوڪجو |
| هَڪل | هڪليو | هڪلِج | هڪلجانءِ | هڪلجو |
| ڀيٽ | ڀيٽيو | ڀيٽِج | ڀيٽجانءِ | ڀيٽجو |
| آڻ | آڻيو | آڻِج | آڻجانءِ | آڻجو |
| ڳهڻاءِ | ڳهڻايو | ڳهڻائِج | ڳهڻائجانءِ | ڳهڻائجو |

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| آمر ديرينه | | | آمر حاضر | |
|---|---|---|---|---|
| ٻڌائجو | ٻڌائجانءِ | ٻڌائج | ٻڌائيو | ٻڌاءِ |
| سنڀالجو | سنڀالجانءِ | سنڀالج | سنڀاليو | سنڀال |

# فعل جو صَرْف (هلندڙ)

## زمان ماضي مطلق

زَمَانُ معنيٰ ”وقت“ ماضي معنيٰ آهي گذري ويل وارو ۽ مطلق جي معنيٰ آهي ڇڙواڳ يا آزاد ڪيل. انهيءَ لحاظ کان زمان ماضي مطلق فعل جو اهو صيغو آهي، جيڪو ڏيکاري ته فعل جي مصدر وارو ڪم گذري ويل واري وقت ۾ ٿي گذريو آهي. مگر انهيءَ گذري ويل واري عرصي جي ڪا پري واري يا ويجهي مقرر ٿيل حد ڪانه آهي. هن زمان جو صيغو سڌو سنئون آمر حاضر واحد جي صيغي منجهان ٺهندو آهي ۽ عام قاعدو اهو آهي ته آمر جي صيغي کي 'يو' جي نشاني ڳنڍي ويندي آهي جهڙوڪ:-

١- لِک — لِکيو
جاڳ — جاڳيو
اُڏام — اُڏاميو
سنگهه — سنگهيو

نوٽ: هن حالت ۾ آمر جي پڇاڙيءَ وارو پيش ـُـ مٽجي زير ـِـ ٿي ويندو آهي.

٢- مار، ماريو، چر، چريو، چِڪ، چِڪيو، سڏ، سڏيو، ٻوڪ، ٻوڪيو، هڪل، هڪليو، ساراهه، ساراهيو، پِيٽ، پِيٽيو، کهڻاءِ، کهڻايو، اڪلاءِ، اڪلايو، سنڀال، سنڀاليو، وغيره وغيره.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

٣- مذڪر جمع اسان يا اسين.
٤- مونث ” اسان يا اسين.

ضمير حاضر:

٥- مذڪر واحد تون.
٦- مونث ” تون.
٧- مذڪر جمع توهان، اوهان يا توهين، اوهين.
٨- مونث ” توهان، اوهان يا توهين، اوهين.

ضمير غائب:

٩- مذڪر واحد هُو.
١٠- مونث ” هُوءَ.
١١- مذڪر جمع اُهي يا هُو.
١٢- مونث ” اُهي يا هُو.

انهيءَ لحاظ کان زمان ماضي مطلق جو گردان يا ڦيرو هيٺين ريت ٿيندو آهي:-

| ضمير | مذڪر | | مونث | |
|---|---|---|---|---|
| | واحد | جمع | واحد | جمع |
| متڪلم | مان آيس | اسان آياسين | مان آيس | اسان آيونسين |
| حاضر | تون آئين | توهان آيو | تون آئينءَ | توهان آيو |
| غائب | هُو آيو | اُهي آيا | هوءَ آئي | اُهي آيون |

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# زمان ماضي مطلق جو صرف ڪبهر يا پورو گردان

## ( مذڪر ۾ )

| ضمير متڪلم | | ضمير حاضر | | ضمير غائب | |
|---|---|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
| مان | اسان | تون | توهان | هُو | آهي |
| آيس | آياسين | آئين | آيو | آيو | آيا |
| ويس | وياسين | وئين | ويو | ويو | ويا |
| آڻيس | آڻياسين | آڻئين | آڻيو | آڻيو | آڻيا |
| وڌس | وڌاسين | وڌئين | وڌو | وڌو | وڌا |
| هيس | هواسين | هئين | هيو | هو، هيو، هئو | هوا، هيا، هئا |
| ڏٺس | ڏٺاسين | ڏٺين | ڏٺو | ڏٺو | ڏٺا |
| ڊنس | ڊناسين | ڊنين | ڊنو | ڊنو | ڊنا |
| ڪليس | ڪلياسين | ڪلئين | ڪليو | ڪليو | ڪليا |
| رنس | رناسين | رنئين | رنو | رنو | رنا |
| سمهيس | سمهياسين | سمهئين | سمهيو | سمهيو | سمهيا |

## ( مونث ۾ )

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| آيس | آيونسين | آئين* | آيو | آئي | آيون |
| ويس | ويونسين | وئين* | ويو | وئي | ويون |
| وڌس | وڌيونسين | وڌئين* | وڌو | وڌي | وڌيون |

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# زمان مستقبل جو صرف ڪبير يا پورو گردان

(مذڪر ۾)

| ضمير متڪلم | | ضمير حاضر | | ضمير غائب | |
|---|---|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
| مان | اسان | تون | توهان | هُو | آهي |
| لکندس | لکنداسين | لکندين | لکندؤ | لکندو | لکندا |
| هوندس | هونداسين | هوندين | هوندؤ | هوندو | هوندا |
| بچائيندس | بچائينداسين | بچائيندين | بچائيندؤ | بچائيندو | بچائيندا |

(مؤنث ۾)

| ضمير متڪلم | | ضمير حاضر | | ضمير غائب | |
|---|---|---|---|---|---|
| لکندس | لکنديونسين | لکندينءَ | لکندؤ | لکندي | لکنديون |
| جاڳندس | جاڳنديونسين | جاڳندينءَ | جاڳندؤ | جاڳندي | جاڳنديون |
| هوندس | هونديونسين | هوندينءَ | هوندؤ | هوندي | هونديون |

## زمان مضارع جو صرف يا گردان

زمان معنيٰ "وقت" مضارع معنيٰ "مشابهت رکندڙ" يا جيڪو هڪ جهڙو هجي." هن لحاظ کان زمان مضارع فعل جو اهو صيغو آهي جيڪو هلندڙ وقت ۽ ايندڙ وقت ٻنهي سان مشابهت رکندڙ هجي يا ٻنهي ۾ ساڳيو ڪم ايندو هجي. مثلاً هڪ لفظ آهي 'وڃي' هي لفظ

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هلندڙ وقت توڙي ايندڙ وقت ۾ وڃڻ جي ڪم ڪرڻ جي معنيٰ ڏئي رهيو آهي جهڙوڪ:-

اوهان چئو ته هو هاڻي جو هاڻي وڃي يا اوهان جي مرضي هجي ته هو مهينو کن رکي پوءِ وڃي. هن زمان جو واحد مذڪر غائب وارو صيغو سڌو سنئون آمر جي پويان 'ي' مجهول ڳنڍڻ سان ٺهندو آهي جهڙوڪ:-

ـُ پڇاڙيءَ واري آمر منجهان ـِ پڇاڙيءَ واري آمر منجهان

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| لکڻ | لِک | لکي | سَڏڻ | سَڏ | سڏي |
| اچڻ | اَچ | اچي | مارِڻ | مارِ | ماري |

## زمان مضارع جو صرف ڪبير يا پورو گردان

| ضمير متڪلّم | | ضمير حاضر | | ضمير غائب | |
|---|---|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
| مان | اسان | تون | توهان | هُو - هوءَ | آهي |
| لِکان | لِکون | لِکين | لِکو | لِکي | لِکن |
| وڃان | وڃون | وڃين | وڃو | وڃي | وڃن |
| سمجهان | سمجهون | سمجهين | سمجهو | سمجهي | سمجهن |
| سڏيان | سڏيون | سڏين | سڏيو | سڏي | سڏين |
| ٻڌايان | ٻڌايون | ٻڌائين | ٻڌايو | ٻڌائي | ٻڌائن |

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# فعل جو صرف (هلندڙ)

## زمـان حـال

زمان معنيٰ ”وقت“ ۽ حال معنيٰ ”موجوده يا هلندڙ.“ انهيءَ لحاظ کان زمان حال فعل جو اهو صيغو آهي جيڪو ٻڌائي ته فعل جي مصدر وارو ڪم ”هاڻي موجوده هلندڙ وقت“ ۾ ٿي رهيو آهي. هن زمان جا صيغا زمان مضارع جي صيغن کي مذڪّر لاءِ ٿو يا ٿا ۽ موءنث لاءِ ٿي يا ٿيون جون نشانيون ڳنڍڻ سان ٺهندا آهن جهڙوڪ:-

| مصدر | آمر | زمان مضارع | زمان حال مذڪّر | زمان حال موءنث |
|---|---|---|---|---|
| لکڻ | لِک | لکي | لکي ٿو | لکي ٿي |
| ڏکڻ | ڏُک | ڏکي | ڏکي ٿو | ڏکي ٿي |
| سڏڻ | سڏ | سڏي | سڏي ٿو | سڏي ٿي |

## زمان حال جو صرف ڪبير يا پورو گردان

### (مذڪّر ۾)

| ضمير متڪلّم | | ضمير حاضر | | ضمير غائب | |
|---|---|---|---|---|---|
| واحد (مان) | جمع (اسان) | واحد (تون) | جمع (توهان) | واحد (هُو) | جمع (آهي) |
| لکان ٿو | لکون ٿا | لکين ٿو | لکو ٿا | لکي ٿو | لکن ٿا |
| ماريان ٿو | ماريون ٿا | مارين ٿو | ماريو ٿا | ماري ٿو | مارن ٿا |

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

### ( مونث ۾ )

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| لکان ٿي | لکون ٿيون | لکين ٿي | لکو ٿيون | لکي ٿي | لکن ٿيون |
| ماريان ٿي | ماريون ٿيون | مارين ٿي | ماريو ٿيون | ماري ٿي | مارن ٿيون |

# فعل جو صرف (هلندڙ)

## زمان حال استمراري

”زمان“ معنيٰ وقت، ”حال“ معنيٰ موجوده هلندڙ ۽ ”استمراري“ معنيٰ جيڪو آئينده لاءِ به هلندو هلي يا جاري رهي. انهيءَ لحاظ کان زمان حال استمراري فعل جو اهو صيغو آهي جيڪو ٻڌائي ته فعل جي مصدر وارو ڪم هينئر موجوده وقت ۾ شروع ٿي چڪو آهي ۽ ڪجهه وقت لاءِ ٿيندو رهندو. هن زمان جا صيغا ڪڍهن زمان مضارع جي صيغن کي ته ڪڍهن زمان حال جي صيغن کي مذڪر لاءِ پيو يا پيا ۽ مونث لاءِ پئي يا پيون جون نشانيون ڳنڍڻ سان ٺهندا آهن جهڙوڪ:-

| مصدر | امر | مضارع | زمان حال استمراري مذڪر | زمان حال استمراري مونث |
|---|---|---|---|---|
| لکڻ | لک | لکي | لکي پيو | لکي پئي |
| | | | لکي ٿو پيو | لکي ٿي پئي |
| سڏڻ | سڏ | سڏي | سڏي پيو | سڏي پئي |
| | | | سڏي ٿو پيو | سڏي ٿي پئي |

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

## زمان حال اِستمراريءَ جو صرف ڪبير يا پورو گردان

### (مذڪر ۾)

| ضمير متڪلم | ضمير حاضر | ضمير غائب |
|---|---|---|
| واحد ۽ جمع | واحد ۽ جمع | واحد ۽ جمع |
| لڪان پيو | لڪين پيو | لڪي پيو |
| لڪان ٿو پيو | لڪين ٿو پيو | لڪي ٿو پيو |
| لڪون پيا | لڪو پيا | لڪن پيا |
| لڪون ٿا پيا | لڪو ٿا پيا | لڪن ٿا پيا |

### (مونث ۾)

| ضمير متڪلم | ضمير حاضر | ضمير غائب |
|---|---|---|
| لڪان پئي | لڪين پئي | لڪي پئي |
| لڪان ٿي پئي | لڪين ٿي پئي | لڪي ٿي پئي |
| لڪون پيون | لڪو پيون | لڪن پيون |
| لڪون ٿيون پيون | لڪو ٿيون پيون | لڪن ٿيون پيون |

## فعل جو صرف (هلندڙ)

### زمان ماضي شرطيه

”زمان“ معنيٰ وقت، ”ماضي“ معنيٰ گذري وڃڻ وارو؛ ”شرطيه“ معنيٰ شرط وارو. انهيءَ لحاظ کان زمان ماضي شرطيه فعل جو اهو صيغو آهي جيڪو فعل جي مصدر واري ڪم جو گذريل

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وقت ۾ تي وچن جو شرط ڏيکاري ۽ انهيءَ فعل واري جملي ۾ 'جيڪڏهن' يا 'جيڪر' جو لفظ ضرور استعمال ڪيو ويو هجي.
هن زمان ٺاهڻ لاءِ زمان مضارع جي سڀني صيغن کي 'ها' جي نشاني ڳنڍي ويندي آهي جهڙوڪ:-
مان لکان ها؛ اسين لکون ها؛ تون لکين ها؛ توها لکو ها؛ هُو لکي ها؛ اهي لکن ها؛ وغيره وغيره.
[نوٽ: زمان ماضي شرطيه جو صرف ڪبير مذڪر توڙي موءنث ۾ ساڳيو رهندو آهي.]

## زمان ماضي شرطيه جو صرف ڪبير

| ضمير متڪلم | | ضمير حاضر | | ضمير غائب | |
|---|---|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
| ڏِکان ها | ڏِکون ها | ڏِکين ها | ڏِکو ها | ڏِکي ها | ڏِکن ها |
| ڀڄان ها | ڀڄون ها | ڀڄين ها | ڀڄو ها | ڀڄي ها | ڀڄن ها |
| سڏيان ها | سڏيون ها | سڏين ها | سڏيو ها | سڏي ها | سڏن ها |

## فعل جو صرف يا گردان (هلندڙ)

### فعل مُعَاوِن

"مُعَاوِن" جي معنيٰ آهي "مدد ڪندڙ." دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ ڪي فعل اهڙا ٿا ٿين جيڪي ٻين مکيه فعلن سان گڏجي جدا جدا زمان ٺاهن. سنڌيءَ ۾ به ڪجهه فعل اهڙا آهن جيڪي ٻين مکيه فعلن سان گڏجي فعل جا جدا جدا زمان ٺاهن. اهڙا فعل معاون


Scanned with CamScanner

سنڌيءَ ۾ پنج آهن جهڙوڪ:- "هئڻ (يا هجڻ)، ٿيڻ، پوڻ، چڪڻ ۽ سگهڻ." ٿيڻ مصدر منجهان "ٿو، ٿا، ٿي، ٿي ۽ ٿيون" جون پنج نشانيون ڪم ايند يون آهن جيڪي زمان مضارع منجهان زمان حال جي ۾ مدد ٿيون ڪن (ڏسو صفحه ٣٦). "پوڻ" مصدر منجهان به "پيو، پيا، پئي، پيون ۽ پيءَ" جون پنج نشانيون ڪم ايند يون آهن جيڪي جدا جدا فعلن منجهان جدا جدا زمانن جي صيغن ٺاهڻ ۾ مدد ٿيون ڪن (ڏسو صفحه ٣٧). باقي هئڻ (يا هجڻ)، چڪڻ ۽ سگهڻ اهڙا فعل آهن جنهن جا جدا جدا زمانن جا صيغا جدا جدا فعلن منجهان جدا جدا زمان ٺاهڻ ۾ مدد ڪندا آهن.

## "هُجڻ" يا "هُئڻ" جو زمان حال

ياد رکڻ گهرجي ته "هـئـڻ" مصدر جو زمان حال بـي قاعدي ٿو ٿئي يعني عام قاعدي موجب هئڻ يا هجڻ مصدر جي زمان مضارع کي "ٿو" يا ڪا ٻي نشاني گڏيڻ سان نٿو ٺهي بلڪ هئڻ مصدر جي زمان حال جا صيغا مقرر آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا ۽ آهي مذڪر توڙي مونث ٻنهي جنسن لاءِ ساڳيا ڪم ايندا آهن جهڙوڪ:-

| ضمير | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | مان آهيان | اسين اهيون |
| حاضر | تون آهين | توهين آهيو |
| غائب | هـو آهي | آهي آهن |

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# "هجڻ" يا "هئڻ" جو زمان ماضي مُطلق

هجڻ يا هئڻ مصدر منجهان ماضي مطلق جا ٽن قسمن جا صيغا نڪرندا آهن جهڙوڪ:- هو، هيو ۽ هئو. اڃا تائين آخرين فيصلو ٿي نه سگهيو آهي ته انهن منجهان ڪهڙو صيغو وڌيڪ صحيح آهي. بهرحال اهي ٽئي صيغا سنڌ جي جدا جدا حصن ۾ ڪم ايندا رهن ٿا ۽ انهن جو پورو گردان هي آهي:-

(مذڪر ۾)

| ضمير | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | مان هوس، هيس، هئس | اسين هواسين، هياسين، هئاسين |
| حاضر | تون هوين، هئين | توهين هيو |
| غائب | هُو هو، هيو، هئو | اُهي هوا، هيا، هئا |

(مونث ۾)

| ضمير | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | مان هوس، هيس، هئس | اسين هيونسين |
| حاضر | تون هئينءَ | توهين هيو |
| غائب | هوءَ هئي | اُهي هيون |

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## "هجڻ" يا "هئڻ" مصدر جو مستقبل

هجڻ يا هئڻ مصدر منجهان زمان مستقبل جا مختلف صيغا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:-

### (مذڪّر ۾)

| ضمير | واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|---|
| متڪلّم | مان | هوندس | اسين | هونداسين |
| حاضر | تون | هوندين | توهين | هوندو |
| غائب | هُو | هوندو | اُهي | هوندا |

### (مونّث ۾)

| ضمير | واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|---|
| متڪلّم | مان | هوندَس | اسين | هونديونسين |
| حاضر | تون | هوندينءَ | توهين | هوندوَ |
| غائب | هُوءَ | هوندي | اُهي | هونديون |

### هجڻ مصدر جو زمان مضارع (مذڪّر ۽ مونّث گڏ)

| ضمير | واحد | | جمع | |
|---|---|---|---|---|
| متڪلّم | مان | هُجان | اسين | هَجون |
| حاضر | تون | هُجين | توهين | هَجو |
| غائب | هو يا هُوءَ | هجي | اُهي | هجن |

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# زمان ماضي قريب

زمان معنيٰ "وقت" ماضي معنيٰ "گذري ويل وارو" ۽ قريب معنيٰ "ويجهو." جڏهن ڪو فعل جو صيغو ڏيکاري ته فعل جي مصدر وارو ڪم ڪنهن ويجهڙي وقت ۾ ختم ٿي چڪو آهي تڏهن انهيءَ فعل جي صيغي کي زمان ماضي قريب جو صيغو ڪري سڏبو آهي. هي صيغو زمان ماضي مطلق جي ضمير غائب واحد واري صيغي جي پويان "هئڻ" مصدر جو زمان حال (آهيان، آهيون، آهين، آهيو، آهي ۽ آهن) ڳنڍڻ سان ٺهندو آهي جهڙوڪ:-

| مصدر | امر | ماضي مطلق | ماضي قريب |
|---|---|---|---|
| آچڻ | آچ | آيو | آيو آهي |
| ڏچڻ | ڏج | ڏنو | ڏنو آهي |
| بيهڻ | بيهه | بيٺو | بيٺو آهي |

## زمان ماضي قريب جو صرف ڪبير يا ٻوروگردان

### (مذڪر ۾)

| | | | |
|---|---|---|---|
| آيو آهيان | آيا آهيون | آيو آهين<br>آيو آهي | آيا آهيو<br>آيا آهن |
| ڏنو آهيان | ڏنا آهيون | ڏنو آهين<br>ڏنو آهي | ڏنا آهيو<br>ڏنا آهن |
| بيٺو آهيان | بيٺا آهيون | بيٺو آهين<br>بيٺو آهي | بيٺا آهيو<br>بيٺا آهن |

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

(مونث ۾)

| | | | |
|---|---|---|---|
| آئي آهيان | آيون آهيون | آئي آهين<br>آئي آهي | آيون آهيو<br>آيون آهن |
| ڏني آهيان | ڏنيون آهيون | ڏني آهين<br>ڏني آهي | ڏنيون آهيو<br>ڏنيون آهن |
| ٻيٺي آهيان | ٻيٺيون آهيون | ٻيٺي آهين<br>ٻيٺي آهي | ٻيٺيون آهيو<br>ٻيٺيون آهن |

## زمان ماضي بعيد

زمان معنيٰ "وقت" ماضي معنيٰ "گذري ويل وارو" ۽ بعيد معنيٰ "پري يا دور." جڏهن ڪو فعل جو صيغو ڏيکاري ته فعل جي مصدر وارو ڪم ڪنهن اڳين زماني ۾ گذري چڪو آهي جيڪو زمانو موجوده زماني کان اڳي يا دور يا بعيد هو تڏهن آهو فعل جو صيغو زمان ماضي بعيد جو صيغو ڪري ليکيو ويندو آهي. هي صيغو ٻه زمان ماضي مطلق جي ضمير غائب واحد واري صيغي جي پويان "هئڻ" مصدر جو زمان ماضي مطلق (هيس، هواسين، هئين، هيو، هو يا هوا) ڪيڻ سان ٺهندو آهي جهڙوڪ:-

| مصدر | امر | ماضي مطلق | ماضي بعيد |
|---|---|---|---|
| اچڻ | اچ | آيو | آيو هو |
| ڏيڻ | ڏي | ڏنو | ڏنو هو |
| ٻيهڻ | ٻيهه | ٻيٺو | ٻيٺو هو |

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

| مصدر | امر | ماضي مطلق | ماضي استمراري |
|---|---|---|---|
| آچڻ | آچ | آيو | آيو ٿي |
| وڃڻ | وڃ | ويو | ويو ٿي |
| ٻيهڻ | ٻيهه | ٻيٺو | ٻيٺو ٿي |

## زمان ماضي اِستمراريءَ جو صرف ڪبير يا پورو گردان

### (مذڪر ۾)

| | | | |
|---|---|---|---|
| آيس ٿي | آياسين ٿي | آئين ٿي<br>آيو ٿي | آيوَ ٿي<br>آيا ٿي |
| ويس ٿي | وياسين ٿي | وئين ٿي<br>وِيو ٿي | وِيوَ ٿي<br>ويا ٿي |
| ويٺس ٿي | ويٺاسين ٿي | ويٺين ٿي<br>ويٺو ٿي | ويٺوَ ٿي<br>ويٺا ٿي |

### (مونث ۾)

| | | | |
|---|---|---|---|
| آيس ٿي | آيونسين ٿي | آئينءَ ٿي<br>آئي ٿي | آيوَ ٿي<br>آيون ٿي |
| ويس ٿي | ويونسين ٿي | وئينءَ ٿي<br>وئي ٿي | ويوَ ٿي<br>ويون ٿي |
| ويٺس ٿي | ويٺيونسين ٿي | ويٺينءَ ٿي<br>ويٺي ٿي | ويٺوَ ٿي<br>ويٺيون ٿي |

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# زمان ماضي مُتشڪّي

زمان معنيٰ "وقت" ماضي معنيٰ "گذري ويل وارو" ۽ متشڪي معنيٰ "جيڪو شڪ ۾ وجهي ڇڏي." انهيءَ لحاظ کان زمان ماضي متشڪي فعل جو اهو صيغو آهي جيڪو گذريل وقت ۾ ڪنهن فعل جي مصدر واري ڪم جي ٿيڻ ۾ شڪ ڏيکاري. هي صيغو زمان ماضي مطلق جي ضمير غائب واحد واري صيغي جي پويان "هئڻ" مصدر جو زمان مستقبل (هوندس، هونداسين، هوندين، هوندَوَ، هوندو، هوندا وغيره) گڏڻ سان ٺهندو آهي جهڙوڪ:-

| مصدر | آمر | ماضي مطلق | ماضي متشڪّي |
|---|---|---|---|
| آچڻ | آچ | آيو | آيو هوندو، آيو هجي |
| وڃڻ | وڃ | ويو | ويو هوندو، ويو هجي |
| ٻيهڻ | ٻيھ | ٻيٺو | ٻيٺو هوندو، ٻيٺو هجي |
| وڙهڻ | وڙهه | وڙهيو | وڙهيوهوندو، وڙهيوهجي |

## زمان ماضي مُتشڪّي جو صرف ڪبير يا پورو گردان

### (مذڪّر)

| | | | |
|---|---|---|---|
| آيو هوندس | آيا هونداسين | آيو هوندين | آيا هوندَوَ |
| | | آيو هوندو | آيا هوندا |
| ويو هوندس | ويا هونداسين | ويو هوندين | ويا هوندَوَ |
| | | ويو هوندو | ويا هوندا |

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٻيٺو هوندس | ٻيٺا هونداسين | ٻيٺو هوندين | ٻيٺا هوندوَ |
| | | ٻيٺو هوندو | ٻيٺا هوندا |
| وڙهيو هوندس | وڙهيا هونداسين | وڙهيو هوندين | وڙهيا هوندوَ |
| | | وڙهيو هوندو | وڙهيا هوندا |

( مونث ۾ )

| | | | |
|---|---|---|---|
| آئي هوندس | آيون هونديونسين | آئي هوندينءَ | آيون هوندوَ |
| | | آئي هوندي | آيون هونديون |
| وئي هوندس | ويون هونديونسين | وئي هوندينءَ | ويون هوندوَ |
| | | وئي هوندي | ويون هونديون |
| ٻيٺي هوندس | ٻيٺيون هونديونسين | ٻيٺي هوندينءَ | ٻيٺيون هوندوَ |
| | | ٻيٺي هوندي | ٻيٺيون هونديون |
| وڙهي هوندس | وڙهيون هونديونسين | وڙهي هوندينءَ | وڙهيون هوندوَ |
| | | وڙهي هوندي | وڙهيون هونديون |

## زمان ماضي تمنائي

زمان ” وقت“ ماضي معنيٰ ”گذري ويڻ وارو“ ۽ تمنائي معنيٰ ”تمنا يا آرزو يا خواهش ڏيکارڻ وارو.“ انهيءَ لحاظ کان زمان ماضي تمنائي آهو فعل جو صيغو آهي جيڪو گذريل وقت ۾ ڪنهن فعل جي مصدر واري ڪم جي ٿي وڃڻ جي آرزو يا تمنا ڏيکاري. هي صيغو زمان ماضي مطلق جي ضمير غائب واحد واري صيغي جي پويان ”هجڻ“ مصدر جو زمان مضارع (هجان، هجون، هجين، هجو، هجي، هجن) ڳنڍڻ سان ٺهندو آهي جهڙوڪ:-

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

| مصدر | آمر | ماضي مطلق | ماضي تمنائي |
|---|---|---|---|
| آچڻ | آچ | آيو | آيو هجي ها |
| وڃڻ | وڃ | ويو | ويو هجي ها |
| ويهڻ | ويهه | ويٺو | ويٺو هجي ها |

# زمان ماضي تمنائي جو صرف ڪبير يا پورو گردان

## (مذڪر ۾)

آيو هجان ها    آيا هجون ها    آيو هجين ها    آيا هجو ها
آيو هجي ها    آيا هجن ها

ويو هجان ها    ويا هجون ها    ويو هجين ها    ويا هجو ها
ويو هجي ها    ويا هجن ها

ويٺو هجان ها    ويٺا هجون ها    ويٺو هجين ها    ويٺا هجو ها
ويٺو هجي ها    ويٺا هجن ها

## (مونث ۾)

آئي هجان ها    آيون هجون ها    آئي هجين ها    آيون هجو ها
آئي هجي ها    آيون هجن ها

وئي هجان ها    ويون هجون ها    وئي هجين ها    ويون هجو ها
وئي هجي ها    ويون هجن ها

ويٺي هجان ها    ويٺيون هجون ها    ويٺي هجين ها    ويٺيون هجو ها
ويٺي هجي ها    ويٺيون هجن ها

نوٽ: زمان ماضي تمنائيءَ جي اڳيان "جيڪڏهن" جو لفظ ايندو آهي ته ماضي شرطيه جي به معنيٰ ڏيندو آهي.

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# زمان حال مدامي

زمان معنيٰ ”وقت“ حال معنيٰ ”هلندڙ يا موجوده“ ۽ مدامي معنيٰ ”دائما يا هميشه ٿيندو رهندڙ.“ انهيءَ لحاظ کان زمان حال مدامي فعل جو صيغو آهي جيڪو ڏيکاري ته فعل جي مصدر وارو ڪم ڪوبہ اسم يا ضمير موجوده وقت ۾ بار بار عادت وانگر ڪندو ٿو رهي. انگريزيءَ ۾ ته هن زمان کي سڏيندا ئي موجوده عادت وارو زمان ڪري آهن. هي صيغو زمان مستقبل جي ضمير غائب واحد جي صيغي کي ”هئڻ“ مصدر جو زمان حال (آهيان، آهيون، آهين، آهيو، آهي، آهن) ڳنڍڻ سان ٺهندو آهي جهڙوڪ:-

| زمان حال مدامي | زمان مستقبل | آمر | مصدر |
|---|---|---|---|
| ايندو آهي | ايندو | اَچ | آچڻ |
| ويندو آهي | ويندو | وڃ | وڃڻ |

## زمان حال مدامي جو صرف ڪبير يا پورو گردان

(مذڪّر ۾)

ايندو آهيان ايندا آهيون ايندو آهين ايندا آهيو
ايندو آهي ايندا آهن

ويندو آهيان ويندا آهيون ويندو آهين ويندا آهيو
ويندو آهي ويندا آهن

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | | | |
|---|---|---|---|
| ويندو هيس | ويندا هواسين | ويندو هئين | ويندا هيوَ |
| | | ويندو هو | ويندا هئا |

## (مونث ۾)

| | | | |
|---|---|---|---|
| ايندي هيئَس | اينديون هيونسين | ايندي هئينءَ | ايندي يون هيوَ |
| | | ايندي هئي | ايندي يون هيون |
| ويندي هيئَس | ويند يون هيونسين | ويندي هئينءَ | ويند يون هيوَ |
| | | ويندي هئي | ويند يون هيون |

# زمان حال متشڪي

زمان معنيٰ "وقت" حال معنيٰ "هلندڙ يا موجوده" ۽ متشڪي معنيٰ "جيڪو شڪ ۾ وجهي ڇڏي." انهيءَ لحاظ کان زمان حال متشڪي فعل جو اهو صيغو آهي جيڪو هلندڙ وقت ۾ ڪنهن فعل جي مصدر واري ڪم جي ٿيڻ ۾ شڪ ڏيکاريندو هجي. هي صيغو زمان مستقبل جي ضمير غائب واحد واري صيغي جي پويان "هئڻ" مصدر جو زمان مستقبل ( هوندس، هونداسين، هوندين، هوندوَ، هوندو ۽ هوندا ) ڳنڍڻ سان لهندو آهي جهڙوڪ :-

| زمان حال متشڪي | زمان مستقبل | آمر | مصدر |
|---|---|---|---|
| ايندو هوندو | ايندو | آچ | آچڻ |
| ويندو هوندو | ويندو | وڃ | وڃڻ |

# زمان حال مشڪي جو صرف ڪبير يا پورو گردان

## (مذڪر ۾)

| | | | |
|---|---|---|---|
| ايندو هوندس | ايندا هونداسين | ايندو هوندين | ايندا هوندوَ |
| | | ايندو هوندو | ايندا هوندا |
| ويندو هوندس | ويندا هونداسين | ويندو هوندين | ويندا هوندوَ |
| | | ويندو هوندو | ويندا هوندا |

## (مونث ۾)

| | | | |
|---|---|---|---|
| ايندي هوندس | اينديون هونديونسين | ايندي هوندينءَ | ايندیون هوندوَ |
| | | ايندي هوندي | ايندیون هونديون |
| ويندي هوندس | ويندیون هونديونسين | ويندي هوندينءَ | ويندیون هوندوَ |
| | | ويندي هوندي | ويندیون هونديون |

# زمان حال تمنائي

زمان ”وقت“ حال معنيٰ ”هلندڙ يا موجوده“ ۽ تمنائي معنيٰ ”تمنا يا آرزو يا دل جي خواهش ڏيکارڻ وارو.“ انهيءَ لحاظ کان زمان حال تمنائي اهو فعل جو صيغو آهي جيڪو هلندڙ وقت ۾ ڪنهن فعل جي مصدر واري ڪم جي ٿي پوڻ جي آرزو يا تمنا ڏيکاري. هي صيغو زمان مستقبل جي ضمير غائب واحد واري صيغي جي ”هوندو“ ”هجڻ“ مصدر جو زمان مضارع (هجان، هُجون، هجين، هُجوَ، هجي، هجن) ۽ ’ها‘ ڪنڻ سان ٺهندو آهي جهڙوڪ:-

| مصدر | امر | زمان مستقبل | زمان حال تمنائي |
|---|---|---|---|
| آچڻ | آچ | ايندو | ايندو هجي ها |
| وڃڻ | وڃ | ويندو | ويندو هجي ها |

## زمان حال تمنائيءَ جو صرف ڪبير يا پوروگردان

### (مذڪر ۾)

ايندو هجان ها  ايندا هجون ها  ايندو هجين ها  ايندا هجو ها
ايندو هجي ها  ايندا هجن ها

ويندو هجان ها  ويندا هجون ها  ويندو هجين ها  ويندا هجو ها
ويندو هجي ها  ويندا هجن ها

### (مونث ۾)

ايندي هجان ها  ايند يون هجون ها  ايندي هجين ها  ايند يون هجو ها
ايندي هجي ها  ايند يون هجن ها

ويندي هجان ها  ويند يون هجون ها  ويندي هجين ها  ويند يون هجو ها
ويندي هجي ها  ويند يون هجن ها

## زمان مستقبل استمراري

زمان معنيٰ "وقت" مستقبل معنيٰ "آئنده اچڻ وارو" ۽ استمراري معنيٰ "جاري رهڻ وارو." انهيءَ لحاظ کان زمان مستقبل استمراري اهو فعل جو صيغو آهي جيڪو ايندڙ وقت ۾ فعل جي مصدر واري ڪم

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي شروع ٿيڻ جي خبر ڏئي ۽ ان سان گڏ اهو ٻڌائي ته اهو آئنده شروع ٿيڻ وارو ڪم ڪافي عرصي لاءِ جاري رهندو. هي صيغو زمان مستقبل جي صيغن ٻنهي مذڪر لاءِ پيو ۽ پيا ۽ مونث لاءِ پئي ۽ پيون جون نشانيون ڳنڍڻ سان ٺهندو آهي جهڙوڪ:-

| مصدر | آمر | زمان مستقبل | زمان مستقبل استمراري |
|---|---|---|---|
| آچڻ | آچ | ايندو | ايندو پيو |
| وڃڻ | وڃ | ويندو | ويندو پيو |

# زمان مستقبل استمراري جو صرف ڪبير يا پورو گردان

## (مذڪر)

ايندس پيو — ايندا سين پيا — ايندين پيو — ايندو پيا
ايندو پيو — ايندا پيا

ويندس پيو — ويندا سين پيا — ويندين پيو — ويندو پيا
ويندو پيو — ويندا پيا

## (مونث)

ايندس پئي — اينديونسين پيون — ايندينءَ پئي — ايندو پيون
ايندي پئي — اينديون پيون

ويندس پئي — ويندیونسين پيون — ويندينءَ پئي — ويندو پيون
ويندي پئي — ويندیون پيون

www.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آچڻ، ڪائڻ، ڏوئڻ، سنڀالڻ، پڙهائڻ وغيره.

اسان کي هاڻي خيال ڪرڻ گهرجي ته روزمره ڳالهائڻ ۾ اسان مٿي بيان ڪيل فعل معطوفي جي صيغي سان ڪي خاص مصدر ملائي ٻيون اهڙيون نراليون مصدرون ٺاهيندا ۽ ڪم آڻيندا آهيون جيڪي اصلي فعل يا ڪم جو ڍنگ ۽ نمونو صفا ڦيري ڇڏين ٿيون ۽ جيئن ته اهڙيون مصدرون ٻن يا وڌيڪ جدا جدا لفظن جي ملائڻ سان ٺهيون ٿيون تنهن ڪري اهڙين مصدرن کي مرڪب يا گڏيل مصدرون ڪري سڏبو آهي جهڙوڪ:-

لڪڻ منجهان لکي وجهڻ، لکي وٺڻ، لکي ڇڏڻ، لکي ڏيڻ، لکي سگهڻ وغيره.

مارڻ منجهان ماري وجهڻ، ماري ڇڏڻ، ماري سگهڻ وغيره وغيره.

ياد رکڻ گهرجي ته مٿين مثالن ۾ وجهڻ، وٺڻ، ڇڏڻ، ڏيڻ، سگهڻ وغيره جيڪي مصدرون ملايون ويون آهن آهي سڀ مصدرون فعل معاون يا مدد ڪندڙ يا امدادي فعل جون مصدرون آهن جن جو بيان مٿي اچي چڪو آهي. انهن مرڪب مصدرن منجهان لکي سگهڻ واري مرڪب مصدر ياد ڪرڻ ڏاڍي ضروري آهي ڇاڪاڻ ته انهيءَ مصدر کي گرامر ۾ فعل امڪاني جي مصدر جو خاص نالو ڏنو ويو آهي ۽ انهيءَ مرڪب مصدر منجهان جيڪي صيغا ٺهن ٿا تن کي فعل امڪاني جا صيغا ڪري سڏبو آهي جهڙوڪ:-

لکي سگهي ٿو (زمان حال امڪاني) لکي سگهيو (زمان ماضي امڪاني) لکي سگهندو (زمان مستقبل امڪاني) ۽ لکي سگهندو آهي (زمان حال مدامي امڪاني). اهڙيءَ طرح جيڪو به زمان سگهڻ مصدر جو هوندو ان کي اصلي ۽ ذاتي نالي سان گڏ "امڪاني" جو لفظ ضرور ڳنڍيو ويندو آهي. انهيءَ امڪاني فعل جو مختصر نقشو هي آهي:-

لکي سگهي، لکي سگهي ٿو، لکي سگهي ها، لکي سگهي پيو.
لکي سگهيو، لکي سگهيو آهي، لکي سگهيو هو، لکي سگهيو پئي.

لکي سگهندو، لکي سگهندو آهي، لکي سگهندو هو، لکي سگهندو پيو.
لکي سگهيو، لکي سگهيو آهي، لکي سگهيو هو، لکي سگهيو هوندو.

نوٽ: فعل امڪاني جا صيغا ڪنهن به ڪم جي ٿيڻ يا ٿيڻ جي امڪان ڏيکارڻ کان علاوه ساڳي ڪم جي لياقت، قابليت ۽ اجازت وغيره پڻ ڏيکاريندا آهن جهڙوڪ:-

١- احمد هاڻي ايترو قابل ٿي ويو آهي جو انگريزي لکي، پڙهي ۽ ڳالهائي سگهي ٿو.

٢- ڪوبه شاگرد بنا اجازت جي ڪلاس ۾ اچي نٿو سگهي يا ڪلاس ڇڏي نٿو سگهي.

# زمان مستقبل ڪامل

ڪامل معنيٰ "پورو." جيڪو فعل جو صيغو ڏيکاري ته اسم مصدر وارو ڏيکاريل ڪم مستقبل يعني ايندڙ زماني ۾ پورو ٿي چڪو هوندو آهي انهيءَ فعل جي صيغي کي "زمان مستقبل ڪامل" جو صيغو ڪري سڏبو آهي. فعل جو هي صيغو فعل معطوفي کي "چڪڻ" مصدر جا زمان مستقبل وارا صيغا ملائڻ سان ٺهندو آهي جهڙوڪ:-

| مذڪر | مونث |
|---|---|
| مان لکي چڪندس | مان لکي چڪندس |
| اسان لکي چڪنداسين | اسان لکي چڪنديونسين |
| تون لکي چڪندين | تون لکي چڪندينءَ |
| توهان لکي چڪندؤ | توهان لکي چڪندؤ |
| هو لکي چڪندو | هوءَ لکي چڪندي |
| آهي لکي چڪندا | آهي لکي چڪنديون |

www.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فعل مجهول جو صرف

اسان کي معلوم آهي تہ مصدر اهو لفظ آهي جنهن منجهان ڪيئي صيغا نڪرن يا ڦٽن ٿا. مٿي ڏنل فعل متعدي مجهول جي مصدرن منجهان جيڪڏهن امر زمان حال، زمان ماضي، زمان مستقبل ۽ ٻين زمانن وغيره جي صيغن ٺاهڻ جي ڪوشش ڪبي تہ معلوم ٿيندو تہ هرهڪ مصدر منجهان تمام ڪي ٿورا صيغا نڪري ٿا سگهن جهڙوڪ "لکجڻ" منجهان "لکجي ٿو" (زمان حال) ٺهي ٿو سگهي مگر انهيءَ مصدر منجهان زمان ماضي يا زمان مستقبل جا صيغا لکجيو يا لکجندو سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ڪڏهن بہ استعمال ڪونہ ڪيا ويندا آهن. انهيءَ سبب ڪري سنڌيءَ ۾ وري اهڙن فعل متعدي مجهول جي مصدرن منجهان ٻيون مرڪب مصدرون ٺاهي پوءِ انهيءَ مرڪب مصدر جو گردان يا صرف ڪيو ويندو آهي. جهڙوڪ لکجڻ مصدر کي لکجي وڃڻ يا لکيو وڃڻ ۾ مٽايو ويندو آهي ۽ اشتقاقي صيغا سڀ انهن ٺهيل مصدرن منجهان ڪڍيا ويندا آهن جهڙوڪ:-

١- لکجي وڃڻ منجهان:- لکجي ويو لکجي ويا لکجي وئي لکجي ويون وغيره وغيره

لکجي ويندو لکجي ويندا لکجي ويندي

لکجي وينديون وغيره وغيره

٢- لکيو وڃڻ منجهان:- لکيو ويو لکيا ويا لکي وئي لکيون ويون وغيره وغيره

لکيو ويندو لکيا ويندا لکي ويندي

لکيون وينديون وغيره وغيره

مٿين مثالن منجهان معلوم ٿو ٿئي تہ فعل متعدي مجهول جي بناوت سنڌي زبان ۾ ٻن قسمن جي ٿي ٿئي:-

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

١- پهرين بناوت اها اٿس ته متعدي معروف واري مصدر کي آخرين ''ڻ'' جي اڳيان ''ج'' جو اکر ملائبو ته وجي جهڙوڪ :- لکڻ منجهان لکجڻ، مارڻ منجهان مارجڻ ۽ پڙهڻ منجهان پڙهجڻ وغيره.

٢- ٻئي بناوت اها اٿس ته مصدر جي وچ وارن اکرن ۾ مٿا سٿا ڪئي ته وجي جهڙوڪ :- ڌوئڻ منجهان ڌوپڻ، ڏهڻ منجهان ڏِجڻ، ڪائڻ منجهان ڪاچڻ وغيره وغيره.

٣- ٽين بناوت جيڪا اسان کي فعل جي پوري صرف يا گردان ۾ ڪم ٿي ڏئي سا اها آهي جيڪا فعل متعدي جي مصدر جو زمان ماضي مطلق تاهي پوءِ ان کي ''وڃڻ'' مصدر ڳنڍي ٿي وڃي جنهن جو ذڪر تازو مٿي اچي چڪو آهي.

بهتر آهي ته فعل مجهول جي هن ٽين نمبر بناوت جي مشق پچائي وڃي :-

| فعل معروف | فعل مجهول | صرف يا گردان |
|---|---|---|
| مدد ڪرڻ | مدد ڪيو وڃڻ | مدد ڪيو ويو مدد ڪيا ويا مدد ڪئي وئي مدد ڪيون ويون وغيره. مدد ڪيو وڃي ٿو مدد ڪيا وڃن ٿا مدد ڪئي وڃي ٿي مدد ڪيون وڃن ٿيون وغيره. مدد ڪيو ويندو مدد ڪيا ويندا مدد ڪئي ويندي مدد ڪيون ونديون وغيره. |
| کولڻ | کوليو وڃڻ | کوليو ويو کوليا ويا کولي وئي کوليون ويون وغيره. کوليو وڃي ٿو کوليا وڃن ٿا کولي وڃي ٿي کوليون وڃن ٿيون وغيره. |

(بهتر آهي ته صرف صغير جي مشق پچائڻ لاءِ هن ڪتاب ۾ ذنل مصدرن منجهان ويهن ٽيهن مصدرن جو زباني طور صرف صغير ٻڌايو وڃي ۽ اڳتي ذهن مصدرن جو صرف صغير لکڻ به گهرجي).

٢- صرف ڪبير وري انهن صيغن جو نالو آهي جيڪي صرف صغير جي هر هڪ صيغي کي جدا جدا نشانيون يا جدا جدا فعل معاون ملائڻ سان ٺهن ٿا جهڙوڪ:-

سڪڻ منجهان سڪو سڪيج سڪجاءِ سڪجو.

سڪي منجهان سڪي سڪن سڪين سڪو سڪان سڪون.

سڪي ٿو سڪن ٿا سڪين ٿو سڪو ٿا سڪان ٿو سڪون ٿا.

سڪي ٿي سڪن ٿيون سڪين ٿي سڪو ٿيون سڪان ٿي سڪون ٿيون.

سڪي پيو سڪن پيا سڪين پيو سڪو پيا سڪان پيو سڪون پيا

سڪي پئي سڪن پيون سڪين پئي سڪو پيون سڪان پئي سڪون پيون

سڪي ها سڪن ها سڪين ها سڪو ها سڪان ها سڪون ها

اهڙي طرح سڪيو ۽ سڪندو منجهان به ڪيترا صيغا ٿا نڪرن جيڪي تفصيل سان بيان ٿي چڪا آهن. هن صرف ڪبير جا مثال هر هڪ زمان جي بيان ۾ تفصيلوار ڏنا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# فعل جي صرف صغير جو چارٽ

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مصدر | لِکَڻُ | آچَڻُ | وَڃَڻُ | ڏِسَڻُ | ڀَوَڻُ |
| امر | لِکُ | آچُ | وَڃُ | ڏِسُ | ڀَوُ |
| زمان مضارع | لکي | آچي | وَڃي | ڏِسي | ڀَوي |
| ماضي معطوفي | لِکِي | آچِي | وَڃِي | ڏِسِي | ڀِٽِي |
| ماضي مطلق | لِکيو | آيو | وِيو | ڏِٺو | ڀِيو |
| اسم مفعول | لِکيَلُ | آيَلُ | وِيَلُ | ڏِٺَلُ | ڀِيَلُ |
| زمان مستقبل | لِکندو | ايندو | ويندو | ڏِسندو | ڀَوندو |
| اسم حاليه | لِکندي | ايندي | ويندي | ڏِسندي | ڀَوندي |
| اسم فاعل | لِکندڙُ | ايندڙُ | ويندڙُ | ڏِسندڙُ | ڀوندڙُ |
| فعل بيفاعل | لِکبو | آچبو | وَڃبو | ڏِسبو | ڀَئبو |
| مصدر تاکيدي | لِکڻو | آچڻو | وَڃڻو | ڏِسڻو | ڀَوَڻو |

# فصل جي صرف ڪبير جو چارٽ

## (مذڪّر)

| ضمير | زمان حال | زمان ماضي | زمان مستقبل |
|---|---|---|---|
| مان | آچان ٿو | آيُس | ايندُس |
| اسان | آچون ٿا | آياسين | اينداسين |
| تون | آچين ٿو | آئين | ايندين |
| توهان | آچو ٿا | آيوَ | ايندوَ |
| هو | آچي ٿو | آيو | ايندو |
| اهي | آچنَ ٿا | آيا | ايندا |

## مونّث

| ضمير | زمان حال | زمان ماضي | زمان مستقبل |
|---|---|---|---|
| مان | آچان ٿي | آئيس | ايند س |
| اسان | آچون ٿيون | آيون سين | ايند يون سين |
| تون | آچين ٿي | آئينءَ | ايند ينءَ |
| توهان | آچو ٿيون | آيو | ايند و |
| هوءَ | آچي ٿي | آئي | ايندي |
| اهي | آچن ٿيون | آيون | ايند يون |

پورو ٿيو.

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

TAJ MAHAL PRESS

www.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner